پاڪستان برادڪاسٽنگ ڪارپوريشن (PBC) ۾ هاءِ پاور ٽرانسميٽر (HPT) خيرپور

عام نيلامي

پاڪستان برادڪاسٽنگ ڪارپورشن (PBC)، هاءِ پاور ٽرانسميٽر (HPT)، خيرپور (بالمقابل سليم آباد) پنهنجي حدن اندر واقع زرعي زمين تقريباً 06 ايڪڙ، ڪجيءَ جو باغ تقريباً 08 ايڪڙ ۽ غير آباد زمين تقريباً 19 ايڪڙ، مدت پهرين ڊسمبر 2026 کان 30 سيپٽمبر 2028 تائين ٺيڪي (Contract) تي ڏيڻ لاءِ اهل بولين ڏيندڙن کان PPRA Rules 2024 ضابطن جي تحت EPAD ذريعي بوليون طلب ڪري ٿو. ڪجيءَ جو باغ HPT خيرپور جي حدن اندر ۽ باهر موجود ڪجيءَ جي تمام وٽن تي مشتمل هوندو. غير آباد 19 ايڪڙ زمين صرف گلن جي نرسري، ڪائيءَ جي مڊي، پونهه ذخيرو ڪرڻ، ڪجيءَ جي تيار ڪرڻ، سڪائڻ ۽ پڙ طور استعمال ڪري سگهبي. زرعي زمين، ڪجيءَ جي باغ ۽ غير آباد زمين ۾ ڪنهن به قسم جي پڪي تعمير ۽ آر پار ڪچو يا پڪو رستو ناهڻ/ ڪيڻ جي اجازت نه هوندي.

نيلاميءَ ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ دستاويز بشمول نيلام عام جون شرطون ۽ ضابطا سربمهر آفيس جي اوقات ۾ مبلغ 3000 روپيا ناقابلِ واپسي جي عيوض آفيس ڊپٽي ڪنٽرولر پاڪستان برادڪاسٽنگ ڪارپورشن، هاءِ پاور ٽرانسميٽر، خيرپور کان حاصل ڪري سگهجن ٿا. هر بولين ڏيندڙ لاءِ بولي جمع ڪرائڻ کان اڳ سائيٽ جو معائنو ڪرڻ لازمي هوندو، جيئن درختن جي تعداد، ڦل فروٽ جي مقدار ۽ زرعي حقائق جو مڪمل اندازو ٿي سگهي. بعد ۾ ان سلسلي ۾ ڪنهن به قسم جو دعويٰ يا اعتراض قابلِ قبول نه هوندو.

بولين ڏيندڙ، بوليءَ وقت پنهنجو اصل شناختي ڪارڊ بشمول فوٽو ڪاپي پيش ڪندا. جڏهن ته ڪمپنيءَ طرفان شرڪت جي صورت ۾ مجاز اٿارٽي جو اختيار نامو (AUTHORITY LETTER)، نمائندي جو اصل شناختي ڪارڊ ۽ ان جي فوٽو ڪاپي پيش ڪرڻ لازمي هوندو.

۽ وڌيڪ معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ ذوالفقار علي اوورسيئر فون نمبر 03335729869 تي رابطو ڪري سگهو ٿا.

بوليون (E-pad سربمهر) 16 نومبر 2026ع بروز سومر صبح 11:00 بجي تائين آفيس ڊپٽي ڪنٽرولر، پي بي سي، بي ايڇ، ريڊيو پاڪستان خيرپور، نزد ايس ايس پي هائوس، خيرپور ۾ جمع ٿيندیون. جيڪي انهيءَ ڏينهن 11:30 بجي کوليون ويندیون، اٽيوريون، مشروط يا مقرر وقت کان پوءِ موصول ٿيندڙ بوليون قابلِ قبول نه هونديون. مجاز اٿارٽي کي PPRA Rules 2004، جي مطابق ڪنهن به بولي يا سڀني بولين کي قبول يا رد ڪرڻ جو حق محفوظ رهندو. جڏهن ته ڊائريڪٽر جنرل، پاڪستان برادڪاسٽنگ ڪارپورشن کي هنگامي ضرورت تحت ٺيڪي جي مدت ۾ گهٽتائي يا واڌ ڪرڻ جو اختيار حاصل هوندو.

پاڪستان برادڪاسٽنگ، صدر آفيس، اسلام آباد جي نگران نيلامي ڪميٽي، مقامي نيلامي ڪميٽي جي ذريعي وڊيو لنڪ جي ذريعي نيلاميءَ جي سڀني مرحلن جي نگراني ڪندي. PPRA e-PADS ۽ سربمهر بولين مان جيڪا پڻ وڌيڪ مالي پيشڪش هوندي، ان کي غور هيٺ آندو ويندو. اگر مقامي ڪميٽي ۽ نگران نيلامي ڪميٽي مشاورت سان چاهن ته بولي کي اوپن ڪري سگهن ٿا.

ڊپٽي ڪنٽرولر،
پاڪستان برادڪاسٽنگ ڪارپورشن
هاءِ پاور ٽرانسميٽر، خيرپور